چِنتَا وُيشمَ = مشوري ۽ صلاح ڪرڻ جي جاءِ.

چِنتَنُ = غور — فڪر — ڌيان — سوچ.

چِنتَنا = سوچ جي قابل

چِنتَنيَہ = سوچ جي قابل

چَنچَرِيڪُ = ڀونر — ڏونگهري — ڏيڀو.

چَنچَلاَ = بجلي — ڪنوڻ — چلولي.

چَنچَلتَا = بدڪار عورت جي تعريف ڪرڻ

چَنچُو = چهنب

چَنڊُ = چنڊ

چَنڊَرُ = چنڊ — ڪافور

چَنمراَتَپُ = چنڊ جي روشنائي

چَنڊرجوتُ = چاندوڪي — چنڊجو نور

چَنڊر پَرڀَا = چنڊ جي روشني

چَنڊرشالا = گهر جو مٿيون طبقو

چَنڊرشيکرُ = مهاديو — شِوُ

چَنڊرڪَا = چانداڻ — چاندوڪي — مور جي پڇ جا گول ڪنپ

چَنڊرڪانتَ = هڪ جواهر جو نالو.

چَنڊر ڪلاَ = چنڊ جو سورهون حصو. چنڊ جي ٻي تاريخ — امرت — قوت — طاقت — خوشي — همت — محبت — جماع ڪرڻ.

چَنڊرڪي = مور پکي

چَنڊر گرهَڻُ = چنڊ گرهڻ — چنڊ جو اونداهون ٿيڻ. چنڊ جو ولجڻ.

چَنڊرلوڪ = عقبيٰ — جنهن ۾ بهشت ۽ دوزخ شامل آهن.

**چَنْدُ** = علم قافيہ — سلوڪ — بيت يا نظم جو قديم قانون يا قاعدو. راڳ ڳائڻ جو هڪ انداز يا تال

**چَنْدَسُ** = ڏسو (چَنْدُ)

**چَنْدا** = رات

**چَنْدُوگُ** = شاعر — ويد پڙهڻ وارو — سام ويد ڳائڻ وارو.

**چَنْڪُ** = عارضي — ٿوري وقت لاءِ_ فنا ٿيڻ وارو.

**چِنَّ** = ٽڪرا ڪيل — وڍيل — ڪٽيل

**چَنّ** = ڍڪيل — غائب

**چَوَرُ** = سيرب ڪرائڻ — ڏاڙهي ڪوڙائڻ.

**چُورُ** = ڪنارو — پڇاڙي — پڇاڙي

**چَوْنِي** = زمين — ڌرتي

**چوُه** = پيار — محبت — دوستي.

**چوِي** = زينت — رونق — چمڪ

**چَئه** = ناس — برباد — فنا — ختم

**چِي** = موت — ڪمزوري — نابود

**چَيَا** = مصيبت ۾ ورتل — قرباني — پاڇو — ڇانوَ — ڇوڪرو.

**چِيپَڪُ** = ٻئي جو لکيل

**ڇيتَرُ** = جاءِ_ آبادي — پوک — ميدان — زمين — مقدس مقام. ميدان جنگ. زيارت گاهه

**چيدُ** = ڪٽڻ — ٽوڪڻ.

**چِيرُ** = کير — رس.

**ڇئيروُگ** = دق تپ — سلهه. ٽي بي

**چيرِي** = چيلي — ننڍڙي ٻڪري_ ٻڪريءَ جو مادي ڦر.

**چيمُ** = خير عافيت — چڱ ڀلائي

**ڇيمَنْڊُ** = لاوارث ٻار — يتيم

**چِينُ** = نازڪ — حقير. ڪم طاقت

**چينٺا** = ڏٻرو ٿيڻ — ضعيف ٿيڻ.

دِنُ مَنِي = سج

دِنَ چَرِيَا = سجي ڏينهن جو ڪم يا ڌنڌو.

دِنتُيشُ = ڏينهن جو مالڪ — سج.

دَوَ = جهنگ — ٻيلو — آفت — انج. خود بخود لڳڻ واري باهه.

دِوَ = ڏينهن. آسمان — بهشت.

دِوَا = ڏينهن.

دِوَاتَنُ = روزانو — روز به روز.

دَوَاَج = عورت جو اهو ٻار جيڪو مڙس کان علاوه ٻئي مرد جي نطفي مان پيدا ٿيو آهي.

دُوَاَدَشُ = ٻارهن — ٻارهون. مهيني جي ٻارهين تاريخ

دَوَاَرَ = ڪنهن به چيز کي روڪڻ جهڙوڪ پٽ. پردو — در — تدبير — سبب — وجهه.

دَوَواراَ = سبب کان — وسيلي سان

دِوَاَرَاتِر = ڏينهن رات.

دَوَاَرَڪَا = هڪ شهر جو نالو جيڪو سري ڪرشن آباد ڪيو هو. جيڪو گجرات صوبي ڀارت ۾ آهي.

دَوَاَرَپَالُ = دربان — پاسبان — چوڪيدار — نگهبان.

دَوَاَرَپَالَڪُ = ڏسو (دَوَاَرَپَال)

دَوَوارَرَڪَشَڪَ = ڏسو (دَوَاَرَپَال)

دَوَارَڪُ = ڏسو (دَوَاَرَپَال)

دَوَوَاَرَنُ = ڏسو (دَوَاَرَپَال)

دَوَارِي = ڏسو (دَوَاَرَپَال)

دِواڪَرُ = سج — شمس

دِوَانَڌُ = ڏينهن جو انڌو جهڙوڪ چبرو — چمڙو.

دِوَانَشُ = ڏينهن رات

دِوِڀَاشِي — ٻه ٻوليون ڄاڻندڙ — مترجم

دوڀاشيا = ترجمان

دوڀاشڪُ = ترجمو ڪندڙ.

دِدِپُ = هاٿي. ڪيسر نانگ — وڻ.

دِدِپائِنُ = هاٿي.

دُوُتُ = قاصد — سفير — ايلچي.

دُوتِڪَا = نياپو ڪڻي ويندڙ عورت

دُوتِي = دلالي ڪندڙ — ڀڙوت ڪندڙ. ڌوتي.

دوِتِيا = زال — جوءِ. مهيني جي ٻن پکن مان هر هڪ جي ٻي تاريخ

دُوِجُ = چنڊ جي ٻي تاريخ يا منزل

دوجَا = ٻيو

دوجَانِي = اهو مرد جنهن کي ٻه زالون هجن.

دُوِجِ بَـرُ = اهو مرد جو ٻي شادي ڪري

دوِج راَجُ = چنڊ

دوجهُوهَ = ٻن زبانن وارو يعني نانگ — چغل خور

دوُدَاَرُ = کير ڏيندڙ.

دوُدَاَرِي = کير ڏيندڙ جانور.

دُوَرِي = پري — بعد — الڳ

دُوَرَ = ڏسو دوري.

دَوُرَبَلَيه = ڪمزوري — ناتواني.

دَوُرَ ڀَاڳيه = بدقسمتي — شومي.

دُورَتَا = دوري — مفاصلو

دُورَتُوهَ = دوري.

دُورَتَـرُ = گهڻو پري.

دُورَجَنيه = دبي — بڇڙائي — شرارت

دُورُ دَرَشَا = پري ڏسڻ — اهو اوزار — جنهن سان پري ڏسي سگهجي. دوربيني

دُورَدَرَشَنُ + پري واريون شيون ڏسڻ جو اوزار — ٽيليويزن.

دُورَدَرَشَيه = گجهه ڀکي.

دوَشُ = ڏينهن.

دُوشُ = گناهه — ڏوهه — جرم — ڀل — خطا — قصور.

دُوشَا = رات

دُوشُ ٻَهَرُ = ڏوهه جو اقرار ڪرڻ.

دُوشَتُ = خراب — برو — بدنام.

**ڏيوَڪُتِي** = مرڻ کان پوءِ آرام حاصل ڪرڻ وارو مڪان.

**ڏيوَگَنُ** = بزرگن جي جدا جدا جماعت.

**ڏيوَگيہ** = نجومي — جوتشي

**ڏيوَل** = عبادت ۽ پوڄا جي جاءِ ـ عيسائي مذهب موجب عبادت جي جاءِ. خدا جو گهر.

**ڏيوَلوڪ** = پاڪ روحن جي رهڻ جي جاءِ. عالم ارواح.

**ڏيوَ مَنْدَرَ** = خدا جو گهر. عبادت ۽ پوڄا واروگهر — مندر.

**ڏيوَنَا** = راند — ناچ — خدمت.

**ڏيوَنَاگِرِي** = ديوتائن جي تحرير — پاڪ روحن جي ٻولي. اها تحرير جنهن ۾ هندي ۽ سنسڪرت وارئين ٻوليون لکيون وڃن.

**ڏيوَنِرمِتَ** + خدا جي بنايل — قدرتي — اصلي.

**ڏيوَنِشَ** = ڏينهن رات

**ڏيوَنِنْدَا** = پاڪ روحن جي گلا — روح جو انڪاري — دهريت

**ڏيوَنِنْدَڪ** = دهريو — لامذهب — مادي جو پوڄاري — ماديت پرست.

**ڏيوهُ** = خدا بابت — قسمت — تقدير — خداوند تعاليٰ جل شانه.

**ڏيوهَگِتي** = تقدير — لکيو

**ڏيوي گتي** = لکيل

**ڏيوهَلوڪ** = پاڪ روحن جي رهڻ جو مقام

**ڏيوَواڻي** = پاڪ روحن واري ٻولي — بهشتي زبان — سنسڪرت

**ڏيوَدَنگ** = عالم الارواح.

**ڏيويَانْ** = روح جو جسم مان نڪرڻ ۽ عالم برزخ ڏانهن وڃي آرام سان رهڻ.

**ڏيهُ** = جسم — بدن . تن

**ڏيهَاتِيتْ** = جنهن جي جسم سان محبت نہ هجي.

**ڏيهُ تِياگ** = جسم جو بيڪار ٿيڻ — موت

**ڏيهَانتْ** = مرڻ.

**ڏيهَاوَسَانْ** = موت — مرڻ

**ڏيهُ پَاتُ** = موت.

**ڏيهَرا** = ديول — مندر — گرجا — دوارو — مسجد

**ڏيهڪ** = جسماني — جسم جو

**ڏيهَلِي** = چائٺ — دروازي جي هيٺين ڪاٺي.

**ڏيهُ ڌَارَنْ** = جنم — پيدائش

**ڏيهہ ڌَارِي** = روح — جان — ساهہ

**ڏيهہ ڀِرَتُ** = روح.

**ڏيہَ مَانُ** = ڏٺل شي

**ڏيهہ هِينُ** = جسم کان سواءِ

**ڏيهہ يات**= موت

**ڏيهِي** = جسم وارو — جاندار

**ڏيهہَ** = قرض — ڏيڻ وارو — لاهڻ وارو.

# ڏ

ڏ = سنڌي الف ـ ب ۾ 52 اکرن مان هڪ اکر.

ڏَ = ڏن – دولت – ڌرم

ڏاتا = داتا – پالڻ وارو – خدا تعاليٰ

ڏاتري = ماءُ – دائي – نرس

ڏاتري ڦَلُ = آمل.

ڏاتو = ڪاڻين مان لڌل شيون – جيڪي باهه ۾ پگهرجي وڃن. جهڙوڪ سون – چاندي – ٽامون وغيره.

ڏاتووادي = معدنيات جي علم جو عالم.

ڏاڙ = نوڪ – تيزي – ليڪ.

ڏارا = پاڻي جو وهڪرو. سيلاب

ڏاراڌر = ڪڪر – جهڙ – بادل

ڏاراسار = سنهي ۽ باريڪ لڳاتار برسات

ڏارا واهي = ندي – نئين – وهنڌڙ.

ڏارا يَنتَرَ = ڦوهارو.

ڏارڪ = قرض ۾ قاتل – قرضي

ڏارمڪ = پلو – سنو – نيڪ – ديندار – سخي – ساڌو – سنا ڪم ڪندڙ

ڏارنُ = اختيار ڪرڻ – مڃڻ – برداشت ڪرڻ. حلول ڪرڻ.

ڏارنا = ثابت قدمي – هڪ طرفو ڌيان ڪرڻ.

ڏاري = رکڻ وارو.

ڏامَ = جڳهه – جاءِ ـ مقام – مڪان – واڳ – لگام

ڏانا = تڪڙو هلڻ – ڊوڙڻ

ڏاونا = عبادت ڪرڻ – پوڄا ڪرڻ.

ڏانڪ = تير هڻن وارو.

ڏانيه = هر قسم جو اناج

ڏانيه راشي = ان جو ڍير – انبار

ڏاوڪ = ڌوبي – ڌوئڻ وارو – تيز هلڻ وارو.

ڏاونُ = وڃڻ – گهمڻ – حملو ڪرڻ.

ڏاونا = جلدي

ڏاهَ = دانهن ڪرڻ هاءِ هاءِ ڪرڻ. چيخ ڪرڻ – چنگهاڙ.

ڏائي = کير پيارڻ واري عورت.

ڏَرُ = ڌڙ – منڍيءَ کان سوا بدن.

ڏَرُ = سهڻ وارو – سمجهائڻ وارو

ڏُرُ = پاڃاريءَ جو مٿيون حصو.

ڏُرا = ڪاٺي – جُوا.

ڏَرا = ديول.

ڏَراتَلُ = زمين جو هيٺيون تهه

ڏَراجُ = راجائن جو راجا. مهاراجا

ڏُريَتَ = راڳ جو قسم

ڏُريَڌُ = ڏسو (ڏريَتَ)

ڏُرت = رکيل – پاتال

ڏَرتا = وٺڻ وارو – پنهنجي ذمي ڪرڻ. قرضدار ٿيڻ.

ڏَرتي = زمين – ڌرتي

ڏَرتري = ڏسو (ڌرتي)

ڏُردَتي = همت – جرات

ڏرتي ڌَر = جبل – پهاڙ

ڏَرتي مانُ = همت وارو. عاقل – دانا

ڏَرشُ = گستاخي – بي عزتي – دباءُ بي صبري – تنگ مزاجي.

ڏَرشَتَ = بي عزت ڪيل – دبايل.

ڏُرشٽتا = بي حيائي – گستاخي – شوخي

ڏَرشَنُ = دبائڻ – بي عزت ڪرڻ.

ڏَرم شيلُ = فياض – پلو

ڏِرڪارَ = لعنت – ڦٽڪار.

ڏَرمُ = ثواب – انصاف – مذهبي فرض – عدل – نيڪي – سٺي رسم.

# ڊ

ڊ - سنڌي الف . ب مان هڪ اکر.

ڊَ - ڊپ.

**ڊفابُ** - گول تلاءُ - کڏو - ڳڌلو - ميرو.

**ڊَاپُ** = ڊپ - هڪ جهنگلي گاهه

**ڊَارُ** = سٽ - قطار - شاخ

**ڊَارَمُ** = ڏسو (ڊَاڻ)

**ڊَاڪُ** - خبيث - ديو - پليت

**ڊَاڪِني** - خبيث - ديو - پليت

**ڊَاڪِني** = ڏائڻ - خبيث

**ڊاگُ** - وڏا پير - ڊگها قدم - تلو هلڻ

**ڊَاگَرُ** = رستو - راهه - ٿرڪ - پيچرو - پهو

**ڊاگِراَ** = بانس - جالڪڙا

**ڊَالاَ** = وڏو ڍير - ڍِڳ

**ڊَاهُ** = حسد - بغض ڪينو - دشمني -

**ڊِيٺُ** = ڏيٺ - ڏسڻ - نگاهه - نظر

**ڊينُ** = اڏامڻ

# ڊ

**ڊ**= سنڌي الف_ ب جي 52 نشانين مان هڪ نشاني يا اکر.

**ڊابَرُ** = گندو پاڻي

**ڊاهَا** = درياهه جو اوچو ڪنارو

**ڊبَرَا** = ميرو – گندو

**ڊَبُ** = وڏو دهل

**ڊِگُ** = طرف – ڏانهن ويجهو

**ڊمُ ڊمِي** = خنجري – هڪ سازجو قسم.

**ڊونَا** = چرڪرو

**ڊوڙُ** = چوپيرا جانور – گهرو جانور

**ڊولاَ** = چرڪرو

**ڊينڍِي** = ڪرڻ ڦل – هڪ زيور.

**رَيکا گَڻتُ** - اقليدس -- جاگراني

**رَينُ** = رات

**روينو** - ڏوڙ -- مٽي - غبار -- سفوف -- پائونڊر -- واري --
ذرو

**رَيندنا** - پچائڻ -- رڌڻ

**رَيني** = رات

**رَيوا** = نربدا ندي جو نالو.

**رَيھُ** = ڪمڙن ڏوڙڻ جي ڪارَ

**رَئُ** - جلدي -- اُيڙي - ڏوڙ -- گردغبار -- سيلاب.

**شيوآن** = حد — سرحد
**سُيوَٽ** = پوڄا ڪيل — پوڄيو ويو
**سيوَتِي** = هڪ گل جو نالو
**سُيوَڪ** = نوڪر — غلام — ملازم — چيلو — مريد — خليفو — پوئلڳ — خادم
**سُيوَڪائي** = نوڪري — خدمت — بندگي — مريدي
**سَيوَڳ** = سٺي قسمت — ڀاڳ ڀلو
**سُيوَڻ** = خدمت — پوڄا
**سُيوَڻا** = شيوا ڪرڻ — خدمت ڪرڻ
**شيوي** = پوڄاري — مريد — نوڪر — ٻانهون — داس
**سُيوَيَہ** = پوڄا جي لائق — مخدوم جنهن جي خدمت ڪئي وڃي
**سَيُهَـڙڻ** = برداشت ڪرڻ — تحمل ڪرڻ — سهڻ
**سيُهَـڙنِي** = تحمل وارو — بردبار

**شُڪ** = طوطو

**شَڪتَ** = طاقت _ قوت – قدرت

**شَڪتتا** = طاقت

**شَڪتي** = طاقت

**شُڪتِي** = سَنڪُ = سپي – سَتي – اک – بواسير جي بيماري

**شَڪتي شالي** = قدرت وارو – قادر – خدا پاڪ.

**شَڪتي مانْ** = طاقتور – زور وارو.

**شَڪتي متي** = طاقت واري عورت.

**شَڪتي هينْ** = ڪمزور – بي طاقت

**شَڪَٽ** = گاڏي – ڇڪڙو

**شَڪَرُ** = ڪنڊ

**شِڪَرُ** = جبل جي چوٽي – جبل جو قلعو – مور – ڪڪڙ – گهوڙو

**شِڪَرُ** = ڏسو شِڪَر

**شُڪرُ** = صاف – باهه – منيءَ جو پاڻي. نطفو – تخم – زهرو تارو – جمع جو ڏينهن

**شُڪرُوارُ** = جمعي جو ڏينهن

**شِڪشا** = تعليم – نصيحت

**شِڪشا پترُ** = وصيت نامون

**شِڪشا پرڪرنْ** = تعليم جو وڏو آفيسر

**شِڪشِت** = سيکاريل – پڙهايل. تعليم يافته – عالم – داناءَ – چالاڪ

**شِڪشڪ** = سيکارڻ وارو – تعليم ڏيڻ وارو – استاد – گرو – مرشد

**شَڪلُ** = چمڙي – کل – ڇلڪو

**شَڪلُ** = مڇي

**شُڪلُ** = اڇرو – سفيد – اڇو – صاف

**شُڪلا** = روشن – سفيد

**شُڪلُ پڪش** = هر مهيني جو پهريون اڌ

**شَڪنُ** = سوڻ – فال

**شَڪنتُ** = پکي – هڪ قسم جو ڪيڙو

**شَڪنتلا** = هڪ ديوي جو نالو – هڪ ڊراما جو نالو

**شِڱا** = چوٽي – باهه جو شعلو – بتيءَ يا ڏيئي جي لاٽ

**شِڪنڊ** = مور جو پڇ

**شِکِي** = باهه – مور – هڪ وڻ

**شَڪيتا** = امڪان – قدرت

**شَڪيه** = ممڪن – ٿيڻ جي لائق

**شِڪيه** = ڇڪو – ٽنگڻو – اڇڻ

**شِلا** = سِرَ – پٿر

**شلاجتُ** = جبل جي رس – جبل جو ڪونر

**شلاجيتُ** = ڏسو شلاجتُ

**شلاڪا** = سرمي پائڻ جي سَرائي

**شلاگها** = تعريف – خوشامد – چاپلوسي

**شلاگهنُ** = پنهنجي تعريف پاڻ ڪرڻ. خودشنائي

**شلاگهنيه** = تعريف جي لائق

**شلاگهيا** = تعريف

**شَلپ** = پتنگ – لغڙ

**شِلپ** = هٿ جو هنر – دستڪاري

**شِلپ بدِيا** = فن صنعت

**شِلپ شالا** = ڪارخانو – هنري تعليم

**شِلپڪ** = ڪاريگر – هنرمند

**شِلپ ڪارُ** = ڪاريگر

**شِلپي** = ڪاريگر

**شُلڪ** = محصول – ڪرايو – ڀاڙو – في – رشوت – اها رقم جيڪا ڪنوار جو پيءُ – گهوٽ جي پيءُ کان شاديءَ کان اڳ وٺي.

**شلوڪ** = بيت – شعر – شهرت – ناموس

**شليش** = جوڙ – ملاٽڻ – ميلاپ – ملاقات – ذومعني

ڪَنْدِوُ = هڪ بيماري – خارش.
ڪَنْشِٽ = هر ننڍي شي.
ڪَنْڪَ = ڪانوَ = ٻگهه – ڪيڪڙو –مڪر – فريب – ٻانيڻ
ڪِنْڪَ = سنهي ريتي – واري
ڪِنْڪَا = واري.
ڪِنْڪَرْ = نوڪر – غلام – خادم – ٻندو – ٻانهون – تابعدار
ڪَنْڪُمْ = زعفران – ڳاڙهو رنگ جنهن سان نرڙ تي ٽڪو ڪيجي.
ڪَنْڪَنْ = ڪنگڻ – پونچي ٻانهن ۾ پائڻ وارو ڳهه
ڪُنَراڙ = راجا جو پٽ – پٽ – ڇوڪرو.
ڪُنْواَرِي = اڻ پوڻيل ڇوڪري
ڪَنْوَلْ = ڪمل – نيلوفر – گلنار
ڪَنْيَا = ڏهن سالن کان ننڍي ڇوڪري – ڪنواري – ڌيءُ – آسماني نکٽن ۾ هڪ نکٽ – سنبله جو نالو
ڪَنْيَاداَنُ = ماءُ پيءُ جو ڪنوار کي گهوٽ جي حوالي ڪرڻ.
ڪَنْيَادَنْ = اهو سامان ۽ روڪ رقم جا شاديءَ وقت ٻنهي طرفن کان ڪنوار کي ملي هجي. جنهن کي استري ڌن چئبو آهي.
ڪَنْيَا گَتْ = بزرگن جي فاتح خواني جي رسم
ڪُنِيَتْ = خراب نيت.
ڪُنِيَتِي = بدنيتي
ڪُنْيَگَا = ڪنواري ڇوڪري
ڪَوِي = (ڪوي) شاعر
ڪَواَ = ڪوهه
ڪُواَٿْ = جوش ڏياريل – ڪاڙهيل – جوشاندو
ڪَواَٽْ = در – دروازو
ڪُواَرَ = قمري مهيني جو نالو اسُو
ڪُواَرَاَ = ڪنوارو مرد
ڪُواَرِي = ڪُمَارِي – ڌي – ڇوڪري
ڪُواَڪْيَہ = خراب ڪم – نخص ڪم.
ڪُوپُ = ڪوهه – ٽڪاءُ – سوراخ
ڪُوپُ = غصو – ڏوراپو – غضب
ڪُوپَا ڪُلْ = غصي وارو – ڪاوڙيل
ڪوپہ وَنْتُ = غصي ۾ پيريل
ڪوپَتُ = غصي دار – غضب ناڪ
ڪُوپَٿْ = بڇڙو رستو – خراب دڳ – اهو ڪاڌو جو هضم ٿي نہ سگهي. حرام جو ڪاڌو – سخت ڪاڌو
ڪوُنپرْ = وٽو – گلاس – پيالو.
ڪُوپَ مَنْدُوَڪْ = ڪوهه جو ڏيڏر – دنيا جهان کان اڻ ڄاڻ
ڪوُپَلْ = ڪونپل – غنچو – انگورجڻ
ڪوُپَنُ = غضب ناڪ – غصي وارو
ڪوُپِي = ڏسو (ڪوپَن)
ڪوُپِين = ڪپڙي جو ٽڪرو – لنگوٽ – لانگوٽ – لانگوٽي
ڪَوِتُ = (ڪَبِتَ) شعر جو قسم – نظم جو قسم – ڏِگهو نظم
ڪُوٿْ = ماپ – اندازو – ڪچي ماپ
ڪَلاَرْ = ڪَلال – شراب وڪڻندڙ
ڪَلاَرَنُ = شراب – وڪڻندڙ زال
ڪُلاَلْ = گلال – ڪنير
ڪَلاَنْتُ = ٿڪل – ماندو
ڪَلاَنْتِي = ٿڪاوٽ – تڪيلف
ڪُلاَنْگَاَرُ = خاندان تباهہ ڪندڙ
ڪُلاَنْگَنا = وڏ گهراڻي واري عورت
ڪَلاَوَنْتُ = ڳائڻو – ڳائڻ وارو –فنڪار
ڪَلَونْڪُ = جهرڪي – پکيءَ جو قسم
ڪَلاَهَلُ = گوڙ – شور – هُل

كَنْڊُ = (مناڻ)
كَنْڊَتْ = كنتيل - تتل - دائل
كَنْڊِتَا = اها عورت جنهن جو مڙس كنهن ٻيءَ عورت تي عاشق هجي.
كَنْڊَنْ = رد كرڻ - روكڻ - توڙڻ - اختصار كرڻ - ڏاهڻ
كَنْس = دشمني - عداوت
كَنْڪُ = چوري كندڙ - كاٽ هڻندڙ - كوئو.
كَنَنْ = كوٽڻ
كَنِي = كاڻ
كَوْنْ = پردو - پوش - مياڻ
كوُنت = كنڊ - گوشو - كن جو گند
كُوهُ = كوهه
كِيَاتْ = مشهور - نامور
كِيَاتِي = شهرت - ناموس
كئيپْ = سفر - مسافري - درياهه جو سفر - جهاز جو وزن.
كيَتْ = ڳوٺ - آسماني سيارو - پکي - كمبٽو - خوف - شكار
كيٽَڪُ = سير - تفريح - شكار - هتيار - جنگ
كٽڪِيكِي = وڏو شكاري
كيَجُ = غصو - رنج
كيُچَرُ = هوا - آسمان ۾ هلندڙ - سيارو - پکي
كيْدُ = ڏک - رنج - فكر
كيِڊِتَ = غمگين - فكر وارو
كيْلُ = راند - بازي
كيُمَ كُشَلْ = طبيعت جو پڇڻ - مزاج پرسي كرڻ
كيوفا - ٻيڙي جو پاڙو
كيوَتْ = ملاح - ناخدا - ٻيڙي هلائڻ وارو
كيوَتَا = ٻيڙي هلائڻ
كيَتُ = آبادي - گهر - جاءِ
كيتا = كيترو - كيتري قدر

**ليپُ** = لڳائڻ واري شي — مرهم — ملم — ليپ.

**ليپَنُ** = ڏسو (ليپُ)

**ليپَالَڪُ** = پرائويٽ باليل.

**لَيپَڪُ** = ملم پٽي ڪرڻ وارو ڊاڪٽر

**لَيچڙ** = ڪنجوس — بخيل

**لِيزَ** = ليز — ڪپڙي جي وٽ.

**مَارَڳُ پَالُ** = رستي جو محافظ

**مَارَڳِتُ** = ڳولڻ – تلاش ڪرڻ – جاچڻ

**مَارَڳُ دَرشِي** = رهنما – رهبر – رستي ڏسڻ اورو

**مَارَڳِڪُ** = رستي هلڻ وارو – مسافر.

**مَارَڳَڻُ** = تلاش ڪرڻ – خيرات – تير

**مَارَڳُوُ** = شڪاري

**مَارَڳِي** = مسافر – سياح – واٽهڙو

**مَارَنُ** = مارڻ – ساهه وٺڻ

**مَارِي** = بيماري – موت – پليگ

**مَاسُ** = مهينو – ماهه – چنڊ

**مَاسَڪُ** = ڏسو (مَاسُ)

**مَاسَانُتُ** = شمسي مهيني جو پويون ڏينهن

**مَاسِڪُ** = ماهوار – ماهانو – پگهار

**مَاسِڪُ دَرمُ** = عورتن کي مهيني وارو رت اچڻ – ماهواري

**مَاسِي** = ماءُ جي ڀيڻ

**مَاشُ** = اڙد جوان – جنهن جي دال ڪٺي ويندي آهي.

**مَاشَڪُ** = ارد دال

**مَاڪُشِڪُ** = ماکي.

**مَاڪَنُد** = انب وڻ – ميوو

**مَاڪُنُ** = مکڻ.

**مَاڳَڌُ** = ڀٽ – ڀان – شاعر – سگهڙ – اهو شخص جو جنگ جي ميدان تي فوج سان گڏ رهي ۽ انهن کي سندن خاندان جي سورهيه ماڻهن جي ساراهه ٻڌائي. جنگ لاءِ تياري ڪري.

**مَاگهُ** = هندي سال ٻارهين مهيني جو نالو – مانگهه

**مَالُ** = زمين – باغ – مالها تسبيح – جهنگ – بغض – پهلوان

**مَالاَ** = سلسلو – قطار – سٽ

**مَالَڪَا** = ڏسو مَالاَ

**مَالاَ ڪَارُ** = هار ٺاهڻ وارو – مالهي

**مَالَسرِي** = هڪ راڳ جو نالو

**مَالِڪُ** = هار ٺاهڻ وارو – تسبيح ٺاهڻ وارو

**مَالڪوُسُ** = هڪ راڳ جو نالو

**مَالِنيَہ** = ميرو – غلاظت – گند

**مَالوُ** = هڪ ملڪ جو نالو – مالوا

**مَالِنِي** = هار ٺاهڻ واري عورت – هڪ نديءَ جو نالو – مالي

**مَاليَہ** = گل – هار

**مَامَا** = ماءُ جو ڀاءُ

**مَامسُ** = گوشت

**مَامساوُ** = گوشت کائڻ وارو

**مَامسَا هَارِي** = ڏسو (مَامَسَاوُ)

**مَامسُ ڀَڪشڪُ** = ڏسو (مَامَسَاوُ)

**مَامسُ ڀَڪشِي** = ڏسو (مَامَسَاوُ)

**مَامسلُ** = ٿلهو – متارو

**مَامِي** = مامي جي زال

**مَانُ** = عزت – آبرو – قدر – ادب – عهدو – شانُ – مانُ – دٻدٻو

**مَانُ ڀنگ** = بي عزتي – بي قدري – بي ادبي

**مَانَتَا** = عزت – نذر – ٻاس

**مَانجهِي** = ٻيڙي هلائڻ وارو – مانجهي – ملاح – ناکٿو

**مَانَدَا ئِڪُ** = عزت ڏيڻ وارو

**مَانَديَہ** = گهٽتائي – بدهاضمو

**مَانَدَنَا** = ملڻ – گسڻ – بنائڻ – ڪرڻ

**مَانِڊِي** = نشاستو

**مَانَسُ** = من – دل – قلب – مزاج – هماليه جي هڪ ڍنڍ جتان سنڌو ندي نڪري ٿي – مانسرور

**مَانُسُ** = گوشت – ماس

**مَانَسُ پوڄا** = دل ۾ خدا جو ذڪر ڪرڻ

**مَانَسِي** = دل ۾ خدا جو ذڪر ڪرڻ.

مَن موهِني = معشوق
مَرَهَا = مٽيءَ ڪچو گهر
مَسانُ = مسڻ
مُستَادُ = جهنگلي سوئر
مَشيتشَڪُ = ميجالو — مغز
مَستَڪُ = مٿو — پيشاني — نرڙ
مسرت = مليل
مَسَرَنُ = ملاوت — جمع
مَشڪَانُ = مشڪڻ — کلڻ
مَسي = ڪاري مس
مَسي پَاتُر = مس ڪپڙي
مَسي دَانُ = مس ڪپڙي
مَسي دَاني = مس ڪپڙي
مَشُ = غصو — مڇر
مشُ = بهانو — عذر — حيلو — دوکو — فريب — بناوت
مَشٽُ = مٺو — شيرين
مَشٽُ = چپ — خاموش
مَشٽُ = چورايل — چوري ڪيل.
مُشٽِڪَا = مُڪُ
مشرُ = مليل — وڏو — حڪيم — پوڇا جي لائق — مشهور ماڻهو.
مشرتُ = ملايل — جڙيل
مَشتَرڪُ = ملائڻ وارو — بهشت — موتي
مَشَڪُ = مڇر — غت
مُڪتُ = ڇٽل — ڇڏيل — نجات حاصل ڪندڙ. معافي — نجات عقبي — آزادي. جنهن جا چار درجا آهن.
1. سالوڪ — پرماتما يا روح جي جهان ۾ رهڻ
2 ـ ساروپ — پرماتما جو روپ وٺڻ
3 ـ سَاميپُ — پرماتما جي قرب ۾ رهڻ.
4 ـ سَامجُوجُ — پرماتما ۾ ملي وڃڻ.

مُڪتَا = موتي — قيمتي جواهر
مُڪتا ڦَلُ = موتي — مراوريد
مُڪتَا ڦَلُ = موتي
مُڪتا ڪَلاَپُ = موتين جي تسبيح — مالها
مُڪتا مَني = موتي
مُڪتاوَلِي = موتين جو هار ـ مالها — هڪ ڪتاب جو نالو.
مُڪتُ تدالُ = موتين جي مالها — موتين جو هار
مُڪتُ مَستُ = سخي — فياض — خيرات ڪندڙ.
مُڪتِي = ڇوٽڪارو — آزادي — مغفرت — روح جي نجات — آواگون کان آزاد — تناسخ کان ڇٽل — علم خفي — الاهي علم
مَڪُٽُ = تاج — ڪلنگي — چوٽي.
مَڪَرُ = گهڙيال — ماگرمڇ — آسماني برج جدي
مَڪُرُ = آئينو — درسني.
مُڪَرُ = آئينو
مَڪري = مڇي
مَڪ شِڪَا = ماڪيءَ جي مک
مَڪشِيڪَا = ماڪيءَ جي مک
مُڪُل = مکڙي — غنچه — ڪونپل
مُڪُلِتُ = وڪوڙيل — مکڙي اڌ ڪليل
مَگ نَتَا = خوشي
مَلُ = ميرو — ڪچرو — غلاظت — ڇيڻا — فضلو — گونهن — پڪهر — گناهه
مَلّ = طاقتور — پهلوان — ملهه
مَلاَرُ = هڪ راڳ جو نالو — سارنگ. جيڪو برسات جي موسم ۾ ڳائبو آهي.
مَنَنُ = دل ئي دل ۾
مَنَنَا = مڃڻ — راضي ٿيڻ. خوش ڪرڻ
مَن شَڪتِي = دل جي قوت — غور ڪرڻ جي طاقت.

**مَيُوڪ** = ڪرڻو – شعاع – روشني. باهہ جو شعلو – چوٽي.
**مَيَہ** = ملايل – ٺاهيل
**مَهَيشي** = مينهن
**ميهَنُ** = مرد جو خاص مردانو عضوو
**ميهَڻا** = مهڻا – ملامت – طعنا
**ميهہَ** = سوزاڪ – هڪ بيماري
**ميئَ** = جنهن جي ماپ ٿي سگهي – جنهن جو حساب ٿي سگهي – جنهن جي تور ٿي سگهي.

# ن

ن = سنڌي، هندي، اردو، پارسي ۽ عربي ٻولين جي حروف تهجي مان هڪ اکر. جنهن جو آواز هن ريت نڪرندو آهي. (نُونُ)

نَ — نہ — ڪونہ — ناهي۔ ڪونهي. نفي — عدم — سچ — زحل — ڏکھو. انسان چنچر.

نَا = نہ — ڪونہ — نانهن

نابُ = دن — مرڪز — مشڪ

نابِي = هڪ راجا جو نالو

نَاپِتُ = حجم — حجام

نَاپِتَ شَالاَ = حجم جو دوڪان

نَاپِتِي = حجامڻ

نَاتَـرُ = اهڙو نہ هجي تہ

نَاتِنُ = ڌيءُ جي ڌيءُ — ڏوهٽي

نَاتِنِي = ڏوهٽي

نَاٿُ = مالڪ — آقا — مڙس ـ صاحب — سوامي — خداوند — ڏِگن ڪي نڪ ۾ رسي (نٿ) جوڳين جو لقب. سنڌن نالي پٺيان لڳائبو آهي. جيئن گورک ناٿ وغيره.

نَاٿَتا = سرپرستي

نَاتِي = ڌيءُ جو پٽ — ڏوهٽو

نَاٽُ = نچ — نچڻ — رقص — نقل

نَاٽَڪُ = ڊرامو — تماشو

نَاٽِڪَا = ناٽڪ ڪرڻ واري عورت نٽوي — نٽي

نَاٽَڪُ شَالاَ = ناچ گهر

نَاٽِڪي = ڏسو (ناٽڪا)

نَاٽَنُ = نچڻ — رقص ڪرڻ.

نَاٽِيہ = ناچ — رقص.

نَاٽِيہ شَالاَ = ناچ گهر.

نَاوُ = آواز — راڳ — سرود — گوڙ — مٽي جا ٿانوَ.

نَاوُ شَبْدُ = الهامي آواز — رباني آواز

نَارَنُ = آواز ڪرڻ.

نَارِيَا = ڏانڊ جو هڪ قسم.

نَارُ = ناري — عورت

نَارَاچُ = تير

نَارَائِڻُ = وشنو جو لقب — نارائڻ

نَارَڪِي = دوخي — گنهگار

نَارِڪيلُ = ناريل

نالي ڪيرُ = ناريل

نارِي = (ضد نر) عورت — مادي

نَاڙِي = نس — نبض

نَاسَا = نڪ — ناسون

نَاستَڪُ = جيڪو خدا کي نہ مڃي — بي دين — زنديق — ملحد — لامذهب

نَاستَڪِي = خدا جو انڪاري

نِجَا = نيڪ بخت زال

نج تَنْتَرُ = (سُ تَنتَرُ) خود مختار

نِجَ دَامُ = مالڪ حقيقي — خدا پاڪ

نج گَتِي = پنهنجي حالت

نج وَرْتِي = پنهنجو ڌنڌو

نِڇَاوَرُ — (نِڇاوَرُ) = قربان — نثار

نِچِنتُ = بي فڪر — مطمئن

نِچنتَائي = بي فڪري

نَائِڻُ = حجامڻ

نِبارَنُ = روڪ — منع

نِبَارَنَا = روڪڻ — منع ڪرڻ.

نِباهُ = نباهڻ — پورو ڪرڻ.

نِبَلُ = نِبَلَ = ڪمزور — ضعيف

**نِرگَنڌُ** = جنهن ۾ ڪا بہ بوءِ نہ هجي — بي بوءِ.

**نِرگهَرشَنُ** = گسڻ — گهَڻ — رگڙڻ.

**نِرگهَنٽُ** = فهرست — لغت — ڊڪشنري

**نِرگهَنٽڪُ** = لغت

**نِرگهوش** = آواز — صدا

**نِرليَپُ** = ليپوڌنل — گارو نہ هڻيل — پلستر نہ ڪيل

**نِرلَجُ** = بي شرم — بي لڄو — گساخ — بي حجاب — بي حيا

**نِرلوڀَ** = بي غرض — لاطمع — مخير — قناعت ڪندڙ

**نِرلوڀي** = لالچ کان سواءِ

**نِرلوڪُ** = هيءَ دنيا — هيءَ عالم

**نِرليپُ** = بي عيب — بي تعلق — بي لوث

**نِرمُ** = ڪِل — دل لڳڻ — عشق لڳڻ

**نِرماتا** = ٺاهڻ وارو — ايجاد ڪرڻ وارو

**نِرمالُيَ** = صاف — پاڪ.

**نِرمانُ** = بناوٽ — ٺاهہ ٺوهہ — تصنيف — خلاصو — ڪاريگري.

**نِرمانڪُ** = ايجاد رڪرڻ وارو — مصنف

**نِرمتُ** = بنايل — ايجاد ڪيل — تصنيف ڪيل

**نِرماتا** = بنائڻ وارو — خالق

**نِرمتي** = بنائڻ — ٺاهڻ. تيار ڪرڻ

**نِرمَدَ** = خوشي ڏيڻ وارو — کلائڻ وارو — مسخرو

**نِرمَدُ** = وچ وارو رستو هلندڙ — پرهيزگار — پارسا — خاموش. اهو هاٿي جو مست نہ هجي.

**نِرمُڪتي** = نجات — ڇوٽڪارو.

**نِرمَلُ** = صاف — پاڪ — خالص — بي عيب — سٺو — بي داغ — سفيد — شفاف

**نِرمَلتا** = صفائي — پاڪائي — خلوص

**نِرمَلي** = اهو وڻ جنهن سان پاڻي صفا ٿئي (ڦٽڪي)

**نِرمَمُ** = بي غرض

**نِرمَمتي** = بي غرضي — لاطمعي — ڪابہ لالچ نہ رکڻ.

**نِرمَمتا** = طمع کان سواءِ

**نِرمَنشُ** = غيرآباد — ماڻهن کان سواءِ.

**نِرموڪُ** = نانگ جي کَلَ

**نِرمولُ** = بي بنياد — پاڙ کان کوٽيل

**نِرموهُ** = سختي — دشمني — بداخلاقي

**نِرموهي** = نامهربان — سنگ دل

**نِرمئي** = بي داغ — صاف — خالص

**نِرميڌُ** = انسانن جي قرباني

**نِرناٿُ** = مالڪ کان سواءِ _ نڌڻڪو — لاوارث

**نِرناٿا** = زال مري ويل ، ڙس — رنڙ

**نِرناري** = مڙس زال — مرد مائي

**نِرنتُ** = جيڪو ختم نہ ٿئي. بي انتها

**نِرنتَرُ** = لڳاتار — مسلسل — لاڳيتو

**نِرنجُ** = بي شرم — بي لڄو

**نِرنجَنُ** = جو نظر نہ اچي — بي عيب — پاڪ — خواهش کان سواءِ _ بي ريا — عامل — لوڀ لالچ کان — ڇٽل — خدا پاڪ جي هڪ صفت. جنهن سرمون نہ پاتو هجي.

**نِرنڪارُ** — جسم کان سواءِ _ پاڪ خداوند تعاليٰ.

**نِرنڪشُ** — بي قيد — خود مختار — بي ادب.

**نَرنگُ** — نارنگي هڪ ميوو يا ڦل. ڪوئلو

**نِرنستُ** = بي سبب — عذر کان سواءِ.

**نِرنئُ** = برقرار — ويچار — سوچ — غور — تحقيق. ثابت — فيصلو — نيڪ.

**نِرنيتُ** = ويچاريو ويو. فيصلو ڪيو ويو.

**نِرنيپتا** = قرارداد پيش ڪرڻ وارو — ٺهراءُ پيش ڪندڙ

**نِرو** = ماڻهو — انسان — آدمي.

**نِرواپُ** = وڏن جي نالي خيرات ڪرڻ.

**نِرواڻُ** = باهہ وسائڻ

**نويدَنُ پَتْر** = درخواست
**نوِيش** = ديرو — ضميمو — گهر
**نموِيشَتُ** = ڪنهن به چيز کي ڍڪڻ وارو ڪپڙو — پوش — ڍڪ
**نَوِيلا** = جوان مرد
**نَويلي** = جوان عورت
**نَوِيْنُ** = نئون — تازو — جديد جوان.
**نَوِيوڪُ** = نوجوان
**نَوَيَوَنَا** — سورنهن سالن جي جوان عورت
**نَوِيَه** = نئون — جديد
**نَهَ** = نہ — ڪونہ — مت — انسان — نظير — جوهر
**نَہ** = ننهن
**نهارُ** = ڪوهيڙو — ڌنڌ
**نهَارَنَا** = نهارڻ — ڏسڻ — تڪڻ — نگهباني ڪرڻ.
**نهَارُوَا** = هڪ بيماري جو نالو.
**نَهَاڪَا** = ناڪو — محصول
**نَهَانُ** = غسل — وهنجڻ
**نهَتُ** = ماريو ويو — مردو — جنازو
**نهتُ** = رکيو ويو — برقرار
**نهُرنَا** = جهڪڻ
**نهَنتَا** + ماري وجهڻ وارو
**نهورَا** = احسان — پلائي.
**نهي** = نہ — ڪونہ — منع
**نَهينُ** = ڪميڻو — نيچ
**نئہ** = مين — ڌرم — انصاف — خلق — عبادت
**نِي** = هيٺ — پيرن ۾ _ نہ — ڪونہ. سهارو — خيرات — نجات — بندش — اندر — داخل — ختم — چالاڪي — وچ ۾
**نَيَّا** = پيڙي.
"مديني والي ميري نيا پار لگال" (هڪ نعت)

**نِيَارُ** = جانورن کي سڪو گاهہ ڏيڻ — چارو — ڪڙب — بهہ وغيره
**نِيَاراً** = جدا — الگ
**نِيَاسُ** = رکڻ
**نِيَاهُ** = بندش — اوزار رکڻ جي ڳوٿري
**نِيَامَڪُ** = حاڪم — مالڪ — حڪم ڏيڻ وارو
**نِيَاؤُ** = انصاف — عدل — فيصلو
**نِيَائي** = عادل — منصف — جج
**نِياءِ** = عادل — منصف — جج
**نِياءِ** = دين — ڌرم — دستور — علم منطق
**نِيَايَاپَارُ** = انصاف پسند — نيڪ مرد
**نِيَايَادَارُ** = سنو ماڻهو
**نِيَايَا ڌريشُ** = منصف — جج.
**نِيَايَا لَيہ** = عدالت — ڪورٽ
**نيَا يَتْا** = واجبي — درستي
**نِيَاسُ** = امانت — ايڊوانس ڊپازٽ
**نِيَاءِ شاسُتَرُ** = اهو شاستر جنهن ۾ مادي — روح ۽ خدا جو ذڪر هجي.
**نيَا شَالاَ** = عدالت — ڪورٽ
**نيَا يُڪُ** = منصف — عادل — منطقي — جج — فلسفي جو عالم
**نِيَاءِ ڪَاري** = ڏسو نِيَايَڪ
**نِيَاءِ ڪَرِمَا** = مصنف — جج
**نِيَايَہ** = واجب — نيڪ — درست
**نِيَائِي** = منصف — عادل — منطقي — دليلن ڏيڻ وارو
**نَيِپَتْيَہْ** = سانگ رچائڻ — تماشي واري جاءِ جو اهو حصو جتان نچڻ وارا ويس مٽائي اچڻ. پردي جي پويان.
**نيپُرُ** = پيرن ۾ پائڻ وارو وزيور (پازيب)
**نَدرُ پْنِيَه** = چالاڪي — هوشياري.

نيڪو = ذرو

نيڪتا = پالڻ وارو — سنياليندڙ — خدا پاڪ جي هڪ صفت

نيڳي — وراهڻ وارو — حصيدار

نيڳ = خوشي جي موقعي تي ورهائڻ واري شي، مذهبي رسمن موجب وراهڻ واري چنڊ يا وند

نيل = نيرو رنگ — هڪ سوڪرب جو تعداد

نيلاش منو = ياقوت — هڪ جواهر

نيلاً مبج = ڪاري رنگ جو ڪنول.

نيلاً مبر = نيرو ڪپڙو — چنچر — زحل

نيلاً نجن = سرمون

نيلڪ = نيري رنگ جهڙو

نيل ڪمل + نيري رنگ جو ڪنول — نيلوفر

نيل ڪنٺ = هڪ پکي جو قسم — مور

نيلم = نيري رنگ جو جواهر — پٿر.

نيل مني = ڏسو نيلم

نيل منت = آسماني رنگ

نيم = مقدر قاعدا — پابندي — قسم — عهد — شرط — اقبال — اقرار — ارادو — صبر — رسم رواج — تهذيب

ني متڪ = غير معمولي

نيم ڌرم = مذهبي قانون

نيتڪ = باقاعدي — مقرر

نيمن = محڪم — مضبوط — طريقي سان

نئين = اک

نئينا = اکيون

نئينا ٿرت= سرمون

نين پٽ = پنبڻ — اکين جا وار — پلڪ

نيو = بنياد — گهر جي ملڪيت

نيوا = خاموشي — سڪون.

نيوار = نهوار — جنهن سان پلنگ واڻيو آهي.

نيوتا = دعوت ڪاڻ جي ڏيڻ — ملڻ.

نيتا = دعوت

نيوڇٽ = سپرد ڪيل.

نيوڇن = حڪم ڏيڻ — مقرر ڪرڻ

نيور = گهوڙن ڪي پير تي زخم ٿيڻ جي بيماري

نيول = ڏسو (نيور)

نيوگ = حڪم — تاڪيد — اجازت. نئين ڪم تي لڳائڻ.

نيوگي = نائب وزير — اهلڪار — حاڪم جو ايجنٽ — ڪارڪن.

نيون = ٿورو — گهٽ — ڪميٽو.

نيونتا = گهٽائي — ڪمي — عاجزي

نيوي = پونجي — موڙي — سرمايو. اڳٽ — ڪمر بند — ڪمرپٽو

نئيويد = هديو — پرساد — پاڪ روحن لاءِ ڪاڍو رکڻ.

نئي = ادب — مذهبي رسم

نيهار = ڪوهيڙو — ڏنڌ

نيهر = شادي ڪيل عورتن جي ماءُ پيءُ جو گهر — پيڪاڻو گهر.

نيهه = پيار — دوستي — محبت — مهرباني — عشق — نينهن — تيل

نيهي = پيارو — دوست. عاشق. محب — آشنا

# و

و = سنڌي، هندي، اردو، پارسي ۽ عربيءَ جي الفابيت يعني حروف تهجيءَ مان هڪ اکر، جنهن جو اوچار يا آواز هن ريت ڪيو آهي. (وَاوُ).

وَ = هوا — مبارڪ — صبح جو وهائو تارو — منڊ — شينهن — گهر — صلاح — پاڻي جو خدا.

و = جدائي — خاص — صحيح — ضبط — باعث — سبب — ٿورو — حمد — پاڪ — صاف — سهارو — عقل — روانگي — دير — پرورش — سنڀال

وَا = يا — يعني

وَاپِي = دل سان — چاهه

وَاتْ = هوا — بادي — ريح

وَاتَا يَنْ = دري — روشن دان — ڌسڻ جو سوراخ

وَاتْسَلْيَہ = پيار — الفت — محبت

وَاتْسَرلْيَہ = پيار — الفت — محبت

وَاٽْ = رستو — واٽ — سڙڪ

وَاٽِڪَا = باغ

وَاٽِي = گهر — باغ

وَاجَ = غذا — ڪاڌو — پاڻي.

وَاجِي = گهوڙو — تير — هڪ ٻوٽي جو نالو

وَاجِي گَرِنُ = اها دوا جنهن جي کائڻ سان مرداني طاقت يعني قرت باهه گهٽبي ٿئي.

وَاڃُ = ٻولي — زبان — ڪَلام — گفتگو

وَاچَا = (باچا) ٻولي — زبان — ڪلام وچن

وَاچَاٽْ = بدڪلام — گاريون.

وَاچَالْ = بڪ بڪي عورت — گهڻ ڳالهائو — عورت

وَاچِتْ = چيو ويو — ڳالهيو ويو.

وَاچِڪُ = پڙهڻ وارو — چوڻ وارو — معنيٰ وارا لفظ

وَاچِڪُ پَتْرُ = خط — اخبار

وَاچَنْ = چوڻ — پڙهڻ

وَاچِنِڪْ = زباني طور.

وَاچِيتَا = گلا — بي عزتي.

وَاچِيَہ = چوڻ جي لائق — جو چيو وڃي. ڪلام

وَادُ = (باد) ڳالهه — بحث — جهيڙو — تڪرار — دعويٰ — ڪيس — فرياد — علمي بحث — مقدمہ

وَادَڪَ = چوڻ وارو — وڄائڻ وارو

وَادِي = (بادي) چوڻ وارو — مدعي — بحث ڪرڻ وارو.

وَادِيَہ = واڃو — راڳ جو هڪ ساز

وَارَ = ڏڻ — ڏينهن — ڏهاڙو — ڀير — مجمع — وقت — موقعو — واندڪائي — روح — رڪاوٽ — ڍڪڻ — حد زمانو — مرتبو — ٻاڻ فقير — ندي جو ڪنارو — سمنڊ جو ساحل — دروازو ضرورت — شراب جو پيالو — برتن دير — صبح — انتظار شيوَ — لفظو — پاري.

وَار = پاڻي — آواز — هاٿي جي ٻڌڻ جي جاءِ ـ هاٿي کي ٻڌڻ جي زنجير.

وَاراَ = بچت — ڪفايت — نفع — فائدو

وَار اَپَارُ = آرپار

وَاراَسِي = درياهه — سمنڊ

وَاراَنْگنَا = رنڊي — ڪسبياڻي، فاحش عورت — طوائف.

وَارِتْ = منع ڪيو ويو — روڪيو ويو.

وَارْتَا = خبر — حال — ڪيفيت — ڳالهه ٻولهه — افواهه — گپ شپ

وَارْتِڪْ = شرح — تفسير — تحقيق

وَارِجَ = پاڻيءَ وارو — ڪنول — سنک — ناد

وَارِجَاتْ = ڏسو (وارِج)

**وَرْش** = بارش — مينهن — برسات — سن — سال — سند

**وَرْش** = ڏڳو — هڪ آسماني سيارو ثور

**وَرْشَا** = (بَرکَا) مينهن — برسات — باران

**وَروشَارُتوَ** = برسات جي موسم — ساوڻ ۽ بدو مهينا

**وَرْشَائَن** = ساليانو

**وَرْشَا ڪَالُ** = برسات جو زمانو

**وَرْشَڀُ** = ڏاند — آسماني برج ثور

**وَرْشَٽُ** = عهدو — اعليٰ — پوجا جي لائق — تعريف جهڙو

**وَرْشَتِي** = برسات

**وَرْشچِڪُ** = وڇون — آسماني برج — جنهن جو نالو عقرب = وڇون آهي.

**وَرْشَلُ** = گجر — بصر — گهوڙو — شودر — ظالم

**وَرْشَلِي** = شودر جي زال — گهٽ ذات واري عورت — جيڪا چوڪري والدين جي گهر ۾ بالغ ٿئي.

**وَرْشَڻُ** = وسڻ — برسات پوڻ.

**وَرْشَڻُ** = خصيو — هڪ عضوو.

**وَرْشَنِي** = بادل — ڪڪر

**وَرُڪُ** = گروهه — ٽولو — جماعت — فرقو

**وَرْڪُ** = بگهڙ — هڪ جهنگلي جانور

**وَرَڪَتُ** = تارڪ دنيا — ويراڳي — اداسي — فقيرن جو قسم

**وَرَڪتِي** = ڪنهن به چيز جي تمنا نه رکڻ.

**وَرَڪْشُ** = وڻ.

**وَرُگُ** = هڪ جهڙين شين جو مجموعو. هڪ ذات جا ماڻهو — جماعت — بخرو — ڪلاس — باب — ضرب اپت. حروف تهجي جو هڪ قسم

**وَرَن** = جدا جدا

**وَرْمُ** = زره — لوهه جي ڪڙين مان ٺهيل پوشاڪ — جنگ جي وقت پائڻ واري بچاءُ واري پوشاڪ

**وَرَنُ** = (بَرَنُ) فرقو — نوع — قوم — ملت — ذات — مذهب — رنگ — حرف — خصلت — هندو مذهب موجب انسانن جا چارورن 1 . برهمڻ، 2 ـ کتري، 3 ـ ويش، 4 ـ شودر

**وَرَنُ** = زخم — گهاءُ

**وَرَنُ** = ورڇڻ — پوڄڻ — ڪنهن کي چونڊي ڪنهن ڪم لاءِ مقرر ڪرڻ.

**وَرَنُ** = پاڻي جو ملائڪ — حضرت ميڪائيل عليه سلام — سج — ابدال

**وَرْنَتُ** = تعريف ڪرڻ — شرح ڪرڻ

**وَرَنْ تَاڪُ** = واڳڻ

**ورنْچِي** = برهما — خدا تعاليٰ

**وَرَنْدُ** = جماعت — گروهه. ڍير — انبار — ڍڳ

**وَرُنْداَ** = تلسي — راڌڪا — هڪ ديوي جو نالو — پاڪ چيز

**وَرُندارَ**= پاڪ روحن لاءِ عورتون — حورون — بهشت ۾ ملندڙ عورتون.

**وَرَنْ شَنْڪَرُ** = ٻن قومن جي زال ۽ مرد سان پيدا ٿيندڙ ٻار. دوغلو.

**وَرْنَڪُ** = تعريف ڪرڻ وارو — حمد و ثنا پڙهڻ وارو. مداحي.

**وَرْنِڪَا** = قلم

**وَرَن مَالا** = حروف تهجي — الفابيت.

**وَرونَنُ** = تفصيل سان بيان ڪرڻ.

**ورنَنَا** = توصيف — وصف. ساراهه

**وَرْمُ** = تمام سنو

**ورُوپُ** = بدشڪل — ڪوجهو.

**وَروتُ** = مجمع — دَلَ — جماعت

**وَروتِنِي** = فوج — لشڪر

**وروچَنُ** = سج — چنڊ

**ووڏ** = طرح طرح – قسم قسم – مختلف
**وَوَڏانُ** = پردو – حجاب
**ووَڏا** = پردو
**ووَڙي** = اوٽ – اڙي – پردو – مهلت
**ووَرُ** = سوراخ – ٽنگ – غار – ٻر – ڏار – ڪڏو – عيب – ڏر.
**ووَرَتُ** = ڪابہ چيز اصل صورت ۾ نظر نہ اچي
**ووَرَتَنُ** = ناچ – نچڻ – رقص. ڦرڻ – ڦيربون پائڻ.
**ووُروتي** = ويڪرو – شرح.
**ووَرَجَنُ** = ترڪ ڪرڻ.
**ووَرَدَنُ** = ترقي ڏيڻ.
**ووَرَنُ** = بيان – تفصيل – تشريح – تفسير – بحث – رپورٽ
**ووَرُنُ** = بي رنگ. ڪميڻو – غير متحرڪ
**ووَسا** = ڪوشش – زراعت
**ووَسَتُرُ** = اگهاڙو – نانگو.
**ووَسُٿا** = ڪتابن موجب مقرر ڪيل – انتظام – جوڙجڪ
**وِيَاجُ** = وياج – اصل رقم (مور) کان – وڌيڪ رقم – ڪپٽ – مڪر – دوکو – دغابازي – لالچ
**وياڌُ** = شڪار ڪندڙ – شڪاري. ڪميڻو – بدخواه. خراب ماڻهو
**وياڌا** = ڏسو (وياڌ)
**وياڌي** = بيماري. مرض – رنج – ڏک – آفت – مصيبت.
**وياسَ** = ڦهلاءُ – مضمون – قطر – (بياسُ) مهاڀارت جو ليکڪ – مصنف
**وياڪَرَنُ** = (بياڪَرَنُ) گرامر – صرف نحو
**وَيَاڪَرَنُ** = صرف نحو جو قاعدو – عالم.
**وياڪُلُ** = ڏکيو – ڏکويل – پريشانُ
**وياڪُلَتُ** = ڏکارو
**وياڪُلتا** = پريشاني – حيراني
**وياڪيا** = تعريف – شرح
**وياڪيانُ** = چوڻ – شرح – تفسير – تعريف

**وياڪوياتُ** = چيل – شرح ڪيل – مشرح
**وياگهاتُ** = تڪيلف – روڪ – منع
**وياگهاتي** = روڪڻ وارو
**وياگهُرُ** = واگهہ – خوفناڪ جانور – شينهن جو قسم
**وياگهراجَنُ** = شينهن جي کل يا چم
**ويالُ** = نانگ – مست هاٿي – چنبن وارو جانور – ظالم. خراب
**ويامُ** = ٻنهي هٿن کي ويڪرو ڪرڻ سان – هڪ هٿ جي آڱرين جي چوٽيءَ کان ٻئي هٿ جي آڱرين جي چوٽيءَ تائين – ٻرهہ
**ويامُوهُ** = خواهش – تمنا – آرزو – پريشاني – ڀل – وسارڻ
**ويانُ** = پران – روح جو قسم
**وياوهاري** = روز مرهہ – قانوني – وزير – نصيحت ڪندڙ – ناصح.
**وياهارُ** = ڪلام – گفتگو.
**وياهتي** = مار – چوٽ – ڏک
**وياياَمُ** = ورزش – ڪثرت – محنت – ڪُشتي
**ويڀچارڻي** = بدچال عورت – رنڊي بازي – زناڪاري – فاحشہ عورت
**ويڀچار** = ڏسو (ويڀچارڻي)
**ويڀچاري** = زنان ڪار – زاني – گمراهہ
**ويڀو** = شان شوڪت – عظمت – بزرگي – دولت – مال متاع
**ويڀوشالي** = ڏسو ويڀو
**ويڀشا** = ڀڪڙجڻ – عزت – شهرت جي خواهش
**ويپَٽُرُ** = اهڙا پاءُ پيڻ جن جي ماءُ هڪ ۽ پيءُ ٻيو هجي.
**ويتَ** = آسمان – هوا جو گهيرو – خلا
**وِيَتَ** = الڳ – جدا – نابود.
**وِيَڪَٽُ** = ڏار

**ويدُ** = آسماني ڪتاب – جيڪي چار آهن: 1.رگ ويد، 2_ يجرويد، 3_سام ويد، 4_اٿرويد. الهام – گيان – چئن جو عدد (4) چار، چوٿون حصو – چوٿائي

**وَيْدَ** = بيد، طبيب – ويج – حڪيم – ڊاڪٽر

**ويدُاَڀِيَاسَ** = ويد جي تعليم وٺڻ – مشق ڪرڻ.

**ويدَانَتْ** = ڄاڻ جي انتها – ويد جو آخري حصو – جنهن ۾ تصوف جو بيان آهي. علم توحيد – جنهن جو مصنف وياس آهي.

**ويدَاَنْتِي** = اهو جو ويدانت کي سٺي طرح ڄاڻي ٿو – صوفي

**ويدَڪُ** = معلوم ڪرڻ وارو – آگاهه ڪرڻ وارو

**وَيُدَڪ** = ويد پڙهيل – ويد جو مفهوم – ويد جي مطابق

**ويدڪَا** = عبادت ڪرڻ جي خاص جاءِ.

**ويدَرَ** = سوراخ – ٽنگ

**ويدَرْمِيَ** = بي دين – الاهي پيغام جي برخلاف – الهام جو منڪر

**ويدَڪُ** = سوراخ ڪڍڻ وارو – برمو

**ويدَوِيَہ** = رنڙائپ – بي واهڪي

**وَيَرَ** = (بيَرُ) بهادر – دلير – مڙس ماڻهو

**وَيَرَا** = سورهيہ جي ماءُ.

**هَٺاتوڪَارُ** = هٽ وارو

**هَٺوتالُ** = (هٽ – سزا + تال = قلف) بازار بند ڪرڻ.

**هَٺ ڌَرمُ** + ضد – خراب معلوم

**هَٺ ڌَرمي** = ضدي – بي ايماني – بي انصافي – تنگ ڪرڻ.

**هَٺي** = ضد وارو

**هَٽڪَا** = لڙ – گوڙ – شور

**هَٺ يوگ** = عبادت جو قسم

**هَٽي** = بازار – هٽ – دوڪان

**هَرُ** = وڻڻ وارو – ڪسڻ وارو. هَرُ – باھ

**هَراوُ** = آواز – بادل ڪڪر

**هَراسُ** = ڏک – فڪر – رنج – ڪمي – زوال – آواز

**هَرتُ** = سائو – سبز – سچ – وشنو

**هَرتَا** = ڪٽي پچندڙ – پري ڪندڙ – برباد ڪرڻ وارو – چور – ڦورو – ٺڳ

**هَروتُويَه** = وڻڻ لائق

**هَردُ** = وڏو تلاءُ – وڏي ڍنڍ

**هَردُو** = دل – قلب – جگر – سينو

**هِردُ** = روح – جان – ضمير

**هرداَ** = دل

**هَردَرُ** = ڦڪو صندل

**هَردَراُ** = هيد – ڦڪي ڪاٺي.

**هَردَئ** = دل – قلب – هردو "هردو" دنيا دار جو پاھڻ ڪان بہ پري. (سامي)

**هَردَيَہ** = دلڪش

**هَرسَوَہ** = ننڍي قد وارو – جامڙو

**هَرشُ** = خوشي – خواهش – آرام – سک

**هَرشتُ** = خوش

**هُرشٽُ** = گھڻو خوش

**هَروشَنُ** = وار اڀا ٿيڻ

**هَروتَنَا** = خوش ٿيڻ

**هَرشي** = خوشي، چمڪ

**هَرمَشَتاَ** = طاقت ور

**هَرمِيَہ** = حويلي

**هَرَنُ** = زوري کسڻ – زوري کڻڻ – ڦرڻ – چوري ڪرڻ – کڻي وڃڻ. ماري وجھڻ – ڦرلٽ – چوري

**هِرنُ** = سون

**هَرنُ** = هرڻ جانور

**هَرنَا** = ڪا شي ظلم سان هٽ ڪرڻ.

**هَرنَوتَا** = هرڻ جو ٻچو

**هَرنُوتَا** = هرڻ جو ٻچو

**هَرني** = هرڻي – مادي هرڻ جي – سائي رنگ جي – سون جو بت

**هَرنيَہ** = سون

**هَرونيَہ** = ڦرڻ جي لائق

**هَري** = پورو رنگ – ڦڪو رنگ – سائو رنگ. وشو – گھوڙو. باندر – برج اسد – سج ڪرڻا – چنڊ – گدڙ جانور جو قسم – طوطو – مور – ڪوئل – ڪاز – ڏيڏر – نانگ – باھ – جبل – ڪمان – سينگ – موت جو فرشتو – برهما – عزرائيل ملائڪ

**هِري** = لڄ – شرم – حياءُ – ادب

**هرنيتي** = ادب

**هَري تَالُ** = هرتال

**هَري تَالڪُ** = سائو ڪبوتر – طوطو – ناٽڪ – مرتال

**هَري تَالِڪَا** = عورتن جي روزي رکڻ جو ڏينهن. جو بدو مهيني ۾ ايندو آهي.

**هَريحَنُ** = وشنو جا پوڄاري

**هَري چَندَنُ** = سفيد صندل – زعفران – مهتاب.

**هَري ڪيرتَنُ** = حمد باري تعاليٰ

**هَري وَاَسَرُ** = آچر جو ڏينهن

**هَسْتُ** = هٿ – هاٿي جي سونڊ – چنڊ جي تيرهين منزل

**هَسْتَامَلَڪ** = سولو – آسان – هڪ ڪتاب جو نالو.

**هَسْتَ تَلُ** = هٿ جي ڏري

**هَسْتَ گَتُ** = هٿ آيل.

**هَسْتِنِي** = هاٿڻ – عورتن جي چئن قسمن مان هڪ قسم – شهوتي.

**هَسْتِي** = هاٿي

**هَسْتِي پَال** = هاٿي کي سنڀاليندڙ – پيلبان – فيلبان

**هَسْتِي پَڪَ** = ڏسو (هَسْتِي پَالُ)

**هَسْرَ** = جاهل _ نادان

**هَسَنُ** = دل وندرائڻ – مشڪڻ

**هَسْرَ** = جاهل – نادان

**هَسَنُ** = دل وندرائڻ – مشڪڻ

**هَسَنْتِيڪَا** = سگري – ڪوئلن ٻارڻ واري.

**هَڪَارُ** = روئي سڏڻ جو آواز

**هَلُ** = هر – زمين کي کيڙڻ وارو

**هَلاَ** = زمين – پاڻي – شراب

**هَلاَوَ** = خوشي – آرام – سک

**هلاَوت** = مناس – مسرور خوش

**هلاَدني** = بجلي – برق – خوشي سان گڏ.

**هُلاَسُ** = خوشي – شادماني

**هَلاَهَلُ** – زهر

**هَلاَهِلي** = شراب

**هُلْسِي** = خوشي

**هَلْڪورُ** = لهر – موج

**هَلْڪوراَ** = موج

**هلورا** = موج

**هِلولُ** = موج

**هِلولَنُ** = لوڏڻ – ٻڌڻ

**همُ** = پارو – برف – سيارو – سردي – ٿڌ – ٿڌي وسم – جميل.

**همَامُشُو** = چنڊ – قمر – ڪافور

**همَانِي** = برف جو ڍِڳ

**هَمْبَا** = ڳئون يا ڏاند جو آواز

**همُ رُتُو** = سياري جي مند

**هَمْسُ** = پاڻي جو پکي، برهما – سج – روح – حاڪم – راما – جوڳي – گهوڙو سفيد

**هِمْسُ** = تڪليف ڏيڻ – ماري وجهڻ – قتل ڪرڻ – نقصان پهچڻ – گهوڙن جي هڻڪار.

**هِمْسَا** = ڏسو (هِمْسُ)

**هِمْسَنُ** = ڏسو (هِمْسُ)

**هموسُرَ** = ماري وجهندڙ جانور

**هَمْسَڪُ** = هنسل نالي سان پيرن جي آڱرينم پائڻ جو ڳهه – گهنگهرو

**هِمْسَڪُ** = تڪليف ڏيڻ وارو – ماري وجهندڙ _ دشمن – هٿيار – اوزار – خونخوار جانور

**همُسْرُڪُ** = ڏسو همسڪ

**هَمْسُ گامني** = اها عورت جا هنس پکي جيان ناز و انداز سان هلي. آخري نجات

**هَمْسُ گَمْنِي** = سهڻي هلت هلندڙ

**هَمْسُ گَـوَنِي** = سهڻي هلت هلندڙ

**هَمْسُ گَتِي** = سهڻي هلت هلندڙ

**هَمْسُ گَمند** = سهڻي هلت هلندڙ

**هَمْسَنِي** = هنس پکيءَ جي مادي

**هَمْسَڪَا** = هنس پکي جي مادي

**هِمْڪَرَ** = چنڊ – ڪافور

**همُ ڪوٽُ** = سيارو

**همُ گَرهُ** = سردخانو

**همَوَتْ** = سرد – ٿڌو

**هَنَا** = قتل ڪرڻ — ماري وجهڻ
**هَنُتْ** = رنج ۽ ڏک ظاهر ڪرڻ وارا لفظ
**هَنتَا** = ماريندڙ — ايذاءِ ڏيندڙ.
**هنوتَالُ** = سنجهيءَ جو وڻ
**هِنْدُ** = سنڌ — هندوستان
**هِندُو** = ويد — پراڻ — سمرتي جي ڪنهن به هڪ حڪم تي هلندڙ، هندوستان جو رهاڪو.
**هيلَن** = هَجُو — گِلا
**هيمُ** = پارو — برف — سون — سيارو — هڪ موسم — سرما — ٿڌ
**هيمُ رُتُو** = سياري جي موسم
**هيمُ ڪَارُ** = سون جو ڪم ڪندڙ — سونا زيوَر ناهيندڙ — سونارو — زرگر
**هيمَلُ** = سونارو — زرگر — ڪسوٽي — پرکيندڙ — پرک ڪندڙ.
**هيمُ مَالِي** = سج — آفتاب.
هيَنُ — سال — سن — سنہ — ورهيہ
**هِينُ** = کان سواءِ ـ قليل — خالي — نابود — ڪميڻو — غريب — برو — بد — عاجز
**هِنْتَا** = ڏسو هِيَن
**هِينَتَا** = گهٽتائي ناداري — نابودي — حقارت
**هِينُتُوهُ** = (هينَتَا)
**هِينْ جَاتِي** = گهٽ ذات وارو — ذليل
**هِينُ وَرَنُ** = گهٽ ذات
**هِيو** = دل — روح — ساهہ — سينو — جان
**هِيْہ** = دل
**هِيَا** = دل
**هَيَہ** = گهوڙو — نانگ — ستن جو عدد (7) ست
**هَئِي** = گهوڙي
**هييَہ** = ڇڏڻ جي لائق — برو — بڇڙو — بد — خراب

# ي

ي = سنڌي ـ هندي ـ اردو ـ پارسي ۽ عربيءَ جي الفابيٽ جو هڪ اکر. جنهن جو آواز هن ريت ڪيو آهي. "يي".

يَ = نيڪ نامي — هوا — سير — سواري — روانگي — وڃڻ وارو.

**يَاپَنُ** = هلائڻ — چال چلڻ — متائڻ

**يَاپَنَا** = هلائڻ — گذران جو رستو حاصل ڪرڻ. اها دولت جيڪا ڪنهن کي گذران لاءِ ڏني وڃي هجي.

**يَاپِيَہ** = لڪائڻ جهڙو — حفاظت جي لائق

**يَاتَ** = هليو ويو هجي.

**يَاتَا** = مڙس جي ڀاءُ جي زال — ڏيرياڻي — ڊرائيور. — گاڏي هلائيندڙ — هلڻ وارو — وڃڻ وارو — ماري وجهڻ وارو.

**يَاتَا يَاتْ** = اچڻ وڃڻ — آمدرفت

**يَاتْرَا** = (جاترا) سفر — زيارت ڪرڻ.

**يَاتورِڪُ** = مسافر — سياح — زيارت ڪندڙ ـ زيارتي — زنوار

**يَاتْري** = حاجي ـ زيارتي

**يَاتَنُ** = بدلو — انعام — امتحان

**يَاتَنَا** = سخت — رنج — مصيبت. دوزخ جي تڪليف

**يَاتو** = رستي سان هلندڙ — راهه رو.

**يَاتَا رُٿيَہ** = سچائي — ايمانداري

**يَاجَڪَ** = اهو شخص جو مذهبي رسومات ادا ڪرائي — پيش امام — پوڄاري.

**يَاجَنُ** = مذهبي رسمون ادا ڪرائڻ. جوڳ يا پوڄا ڪرائڻ.

**يَاجِيَہ** = اها ملڪيت يا جائداد يا تحفو جيڪو مذهبي يا ديني رسومات جي ادائي لاءِ حاصل ڪئي وڃي.

**يَاچَا** = سوال ڪرڻ — گهرڻ.

**يَاچِتْ** = التجا ڪئي وئي. پڇيو ويو. گهريو ويو.

**يَاچَڪْ** = گهرڻ وارو — گدا — فقير — اميدوار

**يَاچَنُ** = گهرڻ — سوال ڪرڻ.

**يَاچَنَا** = پنڻ — درخواست ڪرڻ.

**يَادُرُشْ** = جهڙو — جهڙي طرح جنهن جي برابر.

**يَادُو** = پاڻي — هر پاڻيٺ واري شي.

**يَاگُ** = قرباني — پوڄا

**يَاگِنْڪُ** = ورزش ڪرڻ — عبادت جو طريقو

**يَامُ** = هڪ پهر — پاس

**يَامِڪُ** = چوڪيدار — نگهبان

**يَامَلْ** = جاڙا ٻار

**يَامُنَ** = سرمون — ڪجل

**يَامِني** = غير مذهب

**يَامِني** = رات

**يَامِني پَتِي** = رات جو مالڪ چنڊ

**يَامي** = ڀيڻ

**يَانُ** = ڏينهن جو چوٿون حصو — پهر

**يَان و** = روانگي — هر قسم جي سواري — دشمن تي حملو ڪرڻ.

**يَاوُ** = جيترو — جنهن قدر — سڀ — ڪُلْ = جيستائين.

**يَاوُتْ** = جيتري قدر — ايستائين

**يَاوَجِيْوَنُ** = سڄي ڄمار — ساري عمر

**ياهي** = ان کي — هن کي

**يَائِي** = وڃڻ وارو.

**يَتْ** = پابند

**يُتْ** = جو الڳ نہ ٿئي. گڏ — شامل

**يَتَـرَهْ** = جنهن جاءِ ـ جتي.

**يَتْـرَهْ تَتـرْدْ** = هيڏي هوڏي. ڪجهہ هت ڪجهہ هُتي. جاٽي ڪاٽي — جڳہ جڳہ

**يَتْرَهْ يَتْـرُہ** = جتي جتي

**يَتْ ڪَنچِتْ** = ڪجهہ — ٿورو گهڻو.

# تعارف



محمد پناھ ڦرڙو، سادو سودو، ڀڳوناٽو شخص آهي. وٽس پڙهيل لکيل ماڻهن وارو اڏنبر ۽ آڪڙ ڪا نہ آهي. سادي طبيعت جو مالڪ، علم جو ڳولائو، ڪتابن جو پاڙهو. ڪيس پهرين نظر سان ڏسڻ وارو، ڪڏهن بہ اهو اندازو نہ لڳائي سگهندو تہ هي ڪو گهڻ - پڙهيو ۽ عالم شخص آهي. منهنجو ساڻس 30-35 سالن کان لاڳاپو آهي. ڪلا پرڪاش، ڊاڪٽر نجم عباسي ۽ ڊاڪٽر قريشي حامد علي خانائيءَ جو ڀڳوناٽي محمد پناھ، سنڌيءَ ۾ ايم. فل آهي. سنڌي ٻولي، تاريخ ۽ تصوف سندس پسند جا موضوع آهي. لنواريءَ جي بزرگن جو عقيدتمند آهي، اُن ڪري سندس ايم. فل جي ٿيسز جو موضوع "تصوف جو سنڌي ادب تي اثر" آهي، هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان مٿئين موضوع تي 1988ع ۾ ايم. فل ڪئي. 1951ع کان 1985ع تائين پرائمري استاد رهيو ۽ پنهنجي "استادي ڪردار" تي هميشہ فخر اٿس. محمد پناھ ڦرڙي، خانواهڻ ويجهو، ديھ "ديهات" جي ڳوٺ علي محمد ڦرڙي ۾ 10 فيبروري 1936ع تي جنم ورتو.

هن جي تصنيفي ۽ تاليفي ڪم ۾ :(1) گلدستہ لنواري شريف (مقالن جي ترتيب: 1976ع)، (2) امواج محمدي (صوفي محمد فقير ڦرڙي جو ڪلام: 1981ع)، (3) لنواريءَ جا لال (ٻاگو ٻيو: 1982ع)، (4) سووينئر سلطان الاولياء سيمينار (1986ع)، (5) پير بادشاھ لنواري شريف نمبر 8(1990ع)، (6) پير بادشاھ لنواري شريف نمبر 10 (1992ع)، (7) راحمي بادشاھ (پير فيض محمد جي سوانح: 1993ع) ۽ (8) ڀارت ياترا (سفرنامو: 1999ع) ڪتاب اچي وڃن ٿا.

محمد پناھ جو سنڌي ادبي سنگت خانواهڻ ، نوابشاھ هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ الڪبير اڪيڊمي سان بہ واسطو رهيو آهي. هن ٻوليءَ، تاريخ ۽ تصوف تي ڪيترا مقالا لکيا آهن، جيڪي اشاعت جا منتظر آهن. هن وقت سنڌي ٻوليءَ اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس جو ميمبر آهي. سندس تازو پورهيو، "هندي- سنڌي لغت" آهي، جنهن جو بنياد، مقتدره قومي زبان اسلام آباد پاران ڇپايل راجہ راجيسور رائو "اصغر" لغت واري آهي. هيءَ لغت "هندي- انگريزي لغت" جي برعڪس "هندي- اردو لغت" واري ترتيب سان تيار ڪيل آهي. اُن ڪري اُن جي ترتيب عام سنڌي لغتن واري آهي. اصل هندي الف بہ ترتيب واري "جامع هندي- سنڌي لغت" وقت جي ضرورت آهي، جنهن طرف اميد تہ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي انتظاميہ ضرور ڌيان ڏيندي. عام سنڌي پڙهندڙ ڪي هن لغت مان ضرور لاڀ ملندو ۽ پورهيت جو پورهيو سجايو ٿيندو.

**تاج جويو**